

# THE PROTECTION AGAINST HARASSMENT OF WOMEN AT THE WORKPLACE ACT 2010

SINDH COMMUNITY FOUNDATION

# عورتن کي جنسي طور تي هيسائڻ خلاف تحفظ جو قانون 2010

ترجمو:
اسلم خواجه

# عورتن کي جنسي طور تي
# هيسائڻ خلاف تحفظ
# جو قانون 2010

**[The Protection Against Harassment Of Women At The Workplace Act-2010]**

**Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.**

پاران ايم ايڇ پنھور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو.

ترجمو:

**اسلم خواجه**

سنڌ ڪميونٽي فائونڊيشن

# اداري پاران

اسان جي سماج ۾ عورت کي سدائين ثانوي حيثيت ڏني وئي آهي ۽ هر موڙ تي کيس ڪڏهن رسمن تہ ڪڏهن ريتن ۽ روايتن ذريعي کيس اڪيلو ۽ ڪمزور هجڻ جو احساس ڏياريو ويو آهي. خاص طور تي شهرن اندر ڪم ڪار ڪندڙ عورتن تي جيڪو ذهني تشدد ڪيو وڃي ٿو اُن کي شايد لفظن ۾ بيان بہ نہ ڪري سگهجي. تازوئي 2010 ڌاري عورتن جي جنسي طور تي هيسائڻ خلاف تحفظ جو قانون2010 حڪومت طرفان عمل ۾ آندو ويو آهي. جيڪو پاڪستان پينل ڪوڊ 1960 جي شِق نمبر 506 جي ترميمي شڪل آهي. عورتن جي جنسي طور تي هيسائڻ واري هِن قانون مطابق هاڻي عورتن کي ڪم ڪار واري جاءِ، رستي پنڌ ۽ گهر يا ڪنهن عوامي جاءِ تي جنسي طور تي هيسائڻ قانوني طور تي هڪ ڏوهہ آهي.اهو قانون سڀني عورتن کي قانوني طور تي تحفظ ڏيندو پوءِ پليءِ اُها عورت گهريلو ملازم هجي يا زرعي پورهيت، گهرن جي سطح تي ڪم ڪندڙ ڪارڪن هجي يا غير رسمي شعبي ۾ يا سرڪاري ۽ خانگي جاين تي ڪم ڪندڙ هجي. هاڻي اِن قانون تحت اهڙي قسم جي حرڪت ڪندڙ کي ڏوهاري تصور ڪندي 3 سال ٽيپ ۽ 5 لک رُپيا ڏنڊ ڏيڻ جي سزا ٻڌائي سگهجي ٿي. اسين سمجهون ٿا تہ حڪومت پاران عورتن جي حوالي سان پاس ٿيل هي قانون اسان جي سماج ۾ رهندڙ عورت کي تحفظ ڏيندو پر هِن هيڏي وڏي خوش آئيند قدم کانپوءِ هڪ ڳالهہ جي حد اهم آهي تہ اِن حوالي سان نہ رڳو حڪومت پر بين غير سرڪاري ادارن ۽ عام ماڻهوءَ جو بہ اهو فرض ٿو بيهي تہ هو نہ رڳو اِن قانون جو احترام ڪري پر اِن تي پاڻ بہ عمل ڪري ۽ بين تائين بہ اهو قانون پهچائي خاص طور تي انهن عورتن تائين جيڪي نوڪري وغيره ڪري پنهنجي گهر جي معاشيات کي هٿي ڏين ٿيون.

اِن مقصد لاءِ سنڌ ڪميونٽي فائونڊيشن پاران لا اينڊ جسٽس ڪميشن آف پاڪستان جي تاون سان عورتن کي جنسي طور هيسائڻ خلاف تحفظ جو آندل قانون 2010 سنڌي ۾ عام سجاڳي لاءِ پنهنجي پڙهندڙ تائين پهچائي رهي آهي جيئن عورتن جي تحفظ لاءِ جوڙيل هي قانون هر ڪو آساني سان سمجهي سگهي ۽ اُن تي عمل بہ ڪري سگهي

**جاويد سوز هالائي**

ايگزيڪيوٽو ڊائريڪٽر

**سنڌ ڪميونٽي فائونڊيشن**

# عورتن کي جنسي طور تي هيسائڻ خلاف تحفظ جو قانون، 2010

سينيٽ 21 جنوري تي عورتن کي جنسي طور تي هيسائڻ خلاف قانون منظور ڪري ورتو آهي. قومي اسيمبلي اڳ ۾ ئي ان بل جي منظوري ڏئي چڪي آهي. اِها پاڪستان پينل ڪوڊ 1860 جي شِق نمبر 506 جي هڪ ترميمي شڪل آهي. جنهن جو مقصد عورتن کي جنسي طور تي هيسائڻ خلاف تحفظ فراهم ڪرڻ هو پر اِها شِق واضع نہ هئي. هاڻوڪي ترميم تيل شِقَ ۾ عورتن کي جنسي طور تي هيسائڻ واري مفهوم جي اُپٽار ڪئي وئي آهي، گڏو گڏ اِهو بہ ڄاڻايو ويو آهي تہ عورتن کي ڪم ڪار واري جاءِ، رستي پنڌ ۾ گهر ۾ يا ڪنهن بہ عوامي هنڌ تي جنسي طور تي هيسائڻ هڪ ڏوهہ آهي ۽ اِهو ڏوهہ ڪندڙ سزا جو مستحق آهي. اِهو قانون سمورين عورتن کي تحفظ فراهم ڪري ٿو پوءِ پَل اُهي گهريلو ملازم هجن يا زرعي پورهيت، گهرن جي سطح تي ڪم ڪندڙ ڪارڪن هجن يا غير رسمي شعبي ۾ يا سرڪاري ۽ خانگي جاين تي ڪم ڪندڙ هجن. ان قانون تحت ڏوهاريءَ کي ٽي سال ٽيپ ۽ پنج لک رپيا ڏنڊ جي سزا ڏئي سگهجي ٿي.

ڪم ڪار ڪندڙ عورتن کي هڪ محفوظ ماحول فراهم ڪرڻ واسطي اِهو هڪ سٺو قانون آهي. ان ريت عورتون ڪنهن ڊپ ڏاءَ ڪانسواءِ روزي ڪمائي سگهن ٿيون. اِهو پاڪستان جي عورتن لاءِ هڪ تاريخي پَل آهي ڇاڪاڻ جو گذريل ٻاهٺ سالن کان اهڙو قانون موجود ئي نہ هو جيڪو عورتن کي جنسي طور تي هيسائڻ خلاف تحفظ فراهم ڪندو هجي. ان قانون جي منظوريءَ سان عورتن ۾ غربت جي خاتمي ۾ مدد ملندي ڇاڪاڻ جو ان ريت عورتن جي جيڪي اسانجي آباديءَ جو 51 سيڪڙو آهن، ليبر فورس ۾ شامل ٿيڻ وارو عمل کي همٿائي سگهجي ٿو. ان ۾ ڪو شڪ ناهي تہ ڪو بہ ملڪ معيشت ۾ عورتن ۽ مردن جي هڪ جيتري شرڪت کانسواءِ ترقي نٿو ڪري سگهي.

ان قانون موجب سمورن ادارن لاءِ پوءِ پَل اُهي سرڪاري هجن يا خانگي يا سماجي، ضروري آهي تہ اُهي هڪ اخلاقي ضابطو اختيار ڪن جنهن موجب ٽن ميمبرن تي ٻڌل هڪ ڪميٽي جوڙي وڃي جيڪا اُن اداري ۾ جنسي طور تي

هيسائڻ واري ڪنهن بہ واقعي جي جاچ پڙتال ڪندي ڪميٽيءَ جي اختيارن ۾ اهڙن واقعن جي جاچ جي طريقيڪار جي اُپٽار بل ۾ ڪئي وئي آهي. بل پاس ٿيڻ جي هڪ مهيني اندر اداري جي انتظاميا کي هڪ ڪميٽي جوڙڻي پوندي ۽ اداري جي سربراهہ کي اخلاقي ضابطي بابت چارٽ ڏيڻي پوندي. جيڪڏهن جنسي طور تي هيسائيندڙ شخص انتهائي سينئر يا اداري جو سربراهہ آهي ۽ ان جو شڪار بڻجندڙ عورت کي اِها پڪ نہ هجي تہ ساڻس انصاف ٿيندو تہ هوءَ محتسب سان لهہ وچڙ ۾ اچي سگهي ٿي جنهن کي خاص طور تي انهيءَ مقصد لاءِ مقرر ڪيو ويو آهي. ڪابہ انتظاميہ جيڪا پنهنجي اداري ۾ اخلاقي ضابطو لاڳو ڪرڻ يا ڪميٽي جوڙڻ ۾ ناڪام ٿي ٿئي تہ ان تي هڪ لک روپين تائين ڏنڊ وجهي سگهجي ٿو. اِهو قانون مختلف شعبن سان تعلق رکندڙ عورتن جهڙوڪ بٺي مزدور، زرعي پورهيت، گهريلو ملازم، رستي پنڌ يا عوامي هنڌن تي عورتن کي تحفظ فراهم ڪندو.

# ڪم ڪار وارين جاين تي عورتن کي هيسائڻ خلاف تحفظ ايڪٽ 2010

21 جنوري 2010 تي ڪم ڪار واري جاءِ تي عورتن کي هيسائڻ خلاف تحفظ وارو بل منظور ڪيو ويو. اِها پاڪستان پينل ڪوڊ 1860 جي شِق 506 ۾ ڪيل هڪ ترميم آهي. جيتوڻيڪ اِها شِق ان مامري متعلق هئي پر ڪافي حد تائين مبهم هئي. هاڻوڪي ترميم جنسي طور تي هيسائڻ جي هڪ واضع اُپٽار تي ڪري ۽ ڪم ڪار واري جاءِ بازارن، گهٽين يا گهر اندر ان جي پيش اچڻ کي ڏوهه ليکيندي سزا جو مستحق ٿي بڻائي. هيءَ ترميم ملڪ جي سمورين عورتن بشمول گهريلو ڪم ڪار ڪندڙ زرعي پورهيتن يا گهرن اندر ڪم ڪندڙ ڪارڪنن، غير رسمي شعبي ۽ گڏوگڏ سرڪاري ۽ خانگي جاين تي عورتن جو احاطو ٿي ڪري.

هڪ محفوظ ڪم ڪار وارو ماحول فراهم ڪرڻ جي ڏس ۾ هيءَ هڪ شاندار قانون سازي آهي ته جيئن مرد ۽ عورتون هڪ ٻئي کان ڪنهن ڊپ يا هرڪاءَ کانسواءِ عزت سان پنهنجو روزگار ڪري سگهن. سيڪريٽريٽ ۾ ڪوتايل هڪ گڏجاڻيءَ ۾ چيو ويو ته اِها پاڪستان جي عورتن لاءِ هڪ تاريخي گهڙي آهي ڇاڪاڻ جو گذريل 62 سالن دوران ڪنهن به ٻئي بل عورتن کي ڪم ڪار واري هنڌ جنسي طور تي هيسائڻ کان تحفظ فراهم نه ڪيو. ان قانون جي منظوري اسان جي آباديءَ جي 51 سيڪڙو عورتن کي ليبر فورس ۾ شامل ٿيڻ ۾ همٿائيندي غربت جي خاتمي ڏانهن هڪ وڌو قدم آهي ۽ ڪوبه ملڪ پنهنجي معيشت ۾ عورت ۽ مرد ڪارڪنن جي هڪ جيتري حصيداريءَ کانسواءِ اڳتي نٿو وڌي سگهي.

هيءُ قانون سمورن سرڪاري، خانگي يا ڪميونٽي ادارن کي پابند ٿو بڻائي ته اِهي هڪ اخلاقي ضابطو لاڳو ڪن ۽ هڪ ٽه رڪني ڪميٽي جوڙين جيڪا سندن ادارن ۾ جنسي طور تي هيسائڻ وارين شڪايتن جي جاچ پڙتال ڪري.

ڪميٽيءَ جي اختيارن ۾ اداري طرفان ٿيندڙ اهڙي جاچ پڙتال جي وهنوار بابت ان قانون ۾ وضاحت ڪئي وئي آهي. اداري جي انتظاميا قانون جي منظوريءَ جي هڪ مهيني اندر اهڙي ڪميٽي قائم ڪندي ۽ آجرن کي اخلاقي ضابطي بابت آگاهه ڪندي جيڪڏهن جوابدار سينئر پوزيشن وارو آهي يا اداري جو مالڪ/ سربراهه آهي ۽ شڪايت ڪندڙ کي پڪ نه هجي ته اندروني ڪميٽي ساڻس انصاف ڪندي ته هوءَ محتسب سان رجوع ڪري سگهي ٿي جيڪو خاص انهيءَ مقصد واسطي مقرر ڪيل آهي. ڪميٽي ۽ انتظاميا جي حتمي فيصلي سان اختلاف رکندڙ ڪابه ڌر پڻ اپيل واسطي محتسب سان رابطو ڪري سگهي ٿي.

ڪابه انتظاميا جيڪا اخلاقي ضابطويا ته رڪني ڪميٽي جوڙڻ ۾ ناڪام ٿي رهي اُن جي خلاف عدالت سان رجوع ڪري سگهجي ٿو ۽ ان تي هڪ لک رپين تائين ڏنڊ وجهي سگهجي ٿو.

اِهو قانون سازي بني مزدورن، زرعي پورهيتن، گهريلو ڪم ڪار ڪندڙ ڪارڪنن ۽ بازارن ۾ عوامي جاين تي عورتن کي تحفظ فراهم ڪندو.

# بل جو تت

1. **فوجداري قانون (ترميم) ايڪٽ 2009**

هيءَ پاڪستان پينل ڪوڊ 1860 جي شِق 509 ۾ هڪ ترميم آهي. اِن شِق جنسي طور تي هيسائڻ جو سڀ کان بهتر احاطو ٿي ڪيو پر پنهنجي اظهار ۾ اِها مبهم ضرور هئي. هاڻوڪي ترميم جنسي طور تي هيسائڻ جي هڪ واضع اُپٽار ٿي شامل ڪري ۽ ڄاڻائي ٿي تہ اِهو ورتاءُ پوءِ پيل ڪم ڪار جي جاءِ تي پيش اچي يا بازارن، گهٽين يا گهرن اندر هڪ ڏوهہ آهي ۽ قانوني طور تي سزا جوڳو آهي. اِها ملڪ جي سمورين عورتن بشمول گهريلو ڪم ڪار ڪندڙن، زرعي پورهيتن يا گهر تي آڏاريل ڪارڪنن، غير رسمي شعبي سان گڏوگڏ سمورن سرڪاري ۽ خانگي هنڌن تي عورتن جو احاطو ڪري ٿي.

ان جي سزا ٽي سال ٽيپ يا پنج لک رُپين تائين ڏنڊ آهي.

2. **ڪم ڪار واري جاءِ تي عورتن کي جنسي طور هيسائڻ خلاف تحفظ ايڪٽ 2010**

هيءَ قانون سمورن ادارن کي پابند ٿو بڻائي پوءِ پيل اِهي سرڪاري هجن يا خانگي يا ڪميونٽيءَ، هڪ اخلاقي ضابطو اختيار ڪن ۽ پنهنجي ادارن ۾ جنسي طور تي هيسائڻ جي سمورين شڪايتن کي منهن ڏيڻ لاءِ هڪ تہ رڪني ڪميٽي جوڙين. ڪميٽيءَ جي اختيارن ۽ اهڙين شڪايتن بابت اداري طرفان ٿيندڙ جاچ جي وهنوارن بابت ان بل ۾ وضاحت ڪيل آهي. بل جي منظوريءَ جي هڪ مهيني اندر انتظاميا کي ڪميٽي جوڙڻ ۽ آجرن کي اخلاقي ضابطي بابت آگاهي ڏيڻي پوندي.

جيڪڏهن جوابدار سينئر حيثيت رکندڙ يا اداري جو سربراهہ آهي ۽ شڪايت ڪندڙ کي اندروني ڪميٽيءَ کان انصاف پلئہ پوڻ جي اُميد نہ هجي تہ هوءَ محتسب سان رجوع ڪري سگهي ٿي جنهن کي خاص انهيءَ مقصد لاءِ مقرر ڪيو ويندو. ڪابہ ڌر جيڪڏهن ڪميٽيءَ جي فيصلي ۽ انتظاميا جي حتمي فيصلي مان مطمئن نٿي ٿئي تہ اِها بہ اپيل واسطي محتسب سان رجوع ڪري سگهي ٿي.

جيڪڏهن ڪا انتظاميا پنهنجي اداري اندر اخلاقي ضابطو لاڳو ڪرڻ يا تہ رڪني ڪميٽي قائم ڪرڻ ۾ ناڪام ٿي رهي تہ اِهو معاملو ڪورٽ ۾ پيش ڪري سگهجي ٿو ۽ ان تي هڪ لک رپين تائين ڏنڊ پئجي سگهي ٿو.

# بل

پاڪستان پينل ڪوڊ 1860 ۽ ڪوڊ آف ڪرمنل پروسيجر، 1898 ۾ ترميم واسطي

اِهو پاڪستان پينل ڪوڊ، 1860 (1860 جو XLV ايڪٽ) ۽ ڪوڊ آف ڪرمنل پروسيجر، 1898 (1898 جو IV ايڪٽ) ۾ اضافي ترميم واسطي هتي پيش ٿو ڪجي،

اِهو هيٺين ريت لاڳو ٿيڻ گهرجي:

1. مختصر سرو ۽ مهاڙ: (1) هيءُ ايڪٽ ڪرمنل لا (ترميمي) ايڪٽ، 2009 سڏيو وڃي.
2. اِهو فوري طور لاڳو ٿيندو.
3. 2۔ سيڪشن 509 XLV 1860: پاڪستان پينل ڪوڊ 1860 (1860 جو XLV ايڪٽ) ۾ سيڪشن 509 لاءِ هيٺئين ريت تبديل ڪيو وڃي.

**509 ڪو اهڙو لفظ، اشارو يا اهڙو عمل جنهن جو مقصد يا نيت عورت جي عصمت يا پاڪيزگيءَ توهين ڪرڻ هجي. -(1) جيڪو بہ**

(i) ڪنهن عورت جي پاڪيزگي جي توهين ڪرڻ لاءِ ڪو بہ اهڙو لفظ ادا ڪندو ڪوبہ آواز يا اشارو ڪندو يا ڪنهن شيءِ جو نماءُ ڪندو اهڙي لفظ يا آواز کي ٻڌڻ جو ڳو بنائڻ چاهيندو يا اهڙو اظهار يا اسم ڏسڻ جوڳو بنائڻ چاهيندو جيڪو عورت جي ذاتي زندگي ۾ رخنو هجي،

(ii) جنسي اڳرائي ٿو ڪري، يا جنسي لاڳ جي گهر ٿو ڪري يا لکت ۾ يا زباني رابطو استعمال ٿو ڪري يا جنسي نوعيت جو جسماني ورتاءُ ٿو رکي جيڪو ٻئي فرد کي چيڙائڻ، توهين ڪرڻ، هر ڪائڻ يا ڏمڪائڻ جو مقصد رکندو هجي يا اهڙو عمل ڪم ڪر واري جاءِ جي حدن ۾ ڪري يا اهڙو ورتاءُ ظاهر ظهور طور تي يا ڳجهي ريت ڪنهن فرد جي ملازمت جي شرط طور سامهون آڻي يا اهڙي فرد تي ملازمت جي فيصلي تي اثر انداز ٿيڻ واسطي ڪنهن فرد جي لاءِ اهڙي ورتاءُ کي سامهون رکڻ يا اهڙي ورتاءُ جي رد ڪرڻ تي ڪاروائي ڪرڻ، يا اهڙو ورتاءُ ڪنهن فرد جي ڪم ڪار واري ڪارڪردگيءَ ۾ بي جواز مداخلت جي مقصدن لاءِ اختيار ڪرڻ يا ڪو هر ڪائيندڙ غير دوستاڻو يا اڳرائي ڀريو ڪم ڪار وارو ماحول پيدا ڪرڻ کي سزا جو حقدار ليکيو ويندو جيڪا ٽن سالن جي ٽيپ يا پنج لک رپيا ڏنڊ يا ٻئي تي سگهن ٿيون.

## وضاحت: 1

اهڙو ورتاءُ عوامي جاين بشمول بازارن، عوامي ٽرانسپورٽ، گهٽين يا پارڪن ۾ يا خانگي جاين بشمول ڪم ڪار جي جاين، خانگي اجتماعن/ڪاڄن يا گهرن تي پيش اچي سگهي ٿو.

## وضاحت: 2

ڪم ڪار واري جاءِ مان مراد آهي ڪم ڪار ڪرڻ جو هنڌ يا اهڙو ماڳ جتي ڪو ادارو يا آجر ڪم ڪندو هجي اِهو ماڳ ڪا مخصوص عمارت، فيڪٽري، کليل جاءِ يا ڪو وڏو جاگرافيائي علائقو بہ ٿي سگهي ٿو جتي اداري جون سرگرميون ٿينديون هجن. جنسي اڳرائي ڪم ڪار جي وقت کانپوءِ ۽ ڪم ڪار واري جاءِ کان ٻاهر بہ ٿي سگهي ٿي. اِها ڪنهن روزگار يا روزگار سان لاڳاپيل ڪمن ۾ سرگرمين بابت هيسائڻ ڏانهن رسائي واري صورتحال پيدا ڪرڻ جي ڪوشش بہ ٿي سگهي ٿي.

4. شيڊول II، 1898 جو ايڪٽ V، جي ترميم. شيڊول II جي ڪوڊ آف ڪرمنل پروسيجر 1898 (1898 جو V) :

(الف) سيڪشن 509 ڪالم 1 کان 8 تائين سان لاڳاپيل اندراجن واسطي هيٺين کي شامل ڪيو وڃي.

| 1 | 2 | 3 | 4 | 5 | 6 | 7 | 8 |
|---|---|---|---|---|---|---|---|
| 509 | سادگيءَ جي توهين ڪرڻ يا جنسي طور تي هيسائڻ جو مرتڪب ٿيڻ | وارنٽ کانسواءِ گرفتار نہ ڪيو ويندو | وارنٽ | ضمانت جوڳو | ڪورٽ جي اجازت سان سزا / شق ۾ اضافي جوڳو | ٽن سالن تائين سزا يا پنج لک رپيا ڏنڊ يا ٻئي | فرسٽ ڪلاس مئجسٽريٽ |

## مقصدن ۽ سببن بابت اُپٽار / بيان

هيسائڻ پاڪستان جي عورتن کي درپيش هڪ انتهائي عمومي مامرو آهي. ڪين بازارن، بسن ۾ بس اسٽاپن ۽ ڪم ڪار وارين جاين تي اِهو پوڳڻو ٿو پوي، اِهو ئي مامرو اڪثر عورتن کي تعليم، صحت جي سهولتن ۽ روزگار واسطي پنهنجي

گهران ٻاهر نڪرڻ کان روڪي ٿو. سماجي ماحول جي محفوظ نہ هئڻ سبب والدين پنهنجي ڌيئرن کي گهرن کان ٻاهر اُماڻڻ کان ڪيٻائين ٿا.

جيتوڻيڪ پاڪستان پينل ڪوڊ ۾ ڪجهہ حصا موجود آهن جيڪي ڪنهن حد تائين جنسي طور تي هيسائڻ کي مخاطب ڪن ٿا پر انهن ۾ اصطلاح مبهم آهن. مثال جي طور تي عورتن جي عصمت جي پاڪيزگيءَ جي خلاف ورزي جي پيچڪڙيءَ ۾ نہ تہ 'پيچڪڙي' جي مناسب اُپٽار ٿيل آهي ۽ نہ وري عصمت جي پاڪيزگيءَ جي. انڪري ان جي جيئن وٽي اُپٽار ڪجي. ان کي هڪ وڏيڪ واضع حصي جي شموليت سان تمام گهڻو ڪاراتئو بڻائي سگهجي ٿو.

تعزيرات پاڪستان جي 509 A ۾ ترميم جي پويان عورتن کي تحفظ فراهم ڪندڙ تعزيرات پاڪستان جي سيڪشن 509 ۾ ٻين واسطيدار شِقن وارو ئي جذبو ڪارفرما آهي. اِها عوامي ماڳن، خانگي ۽ ڪم ڪار وارين جاين تي عورتن کي هيسائڻ جي اُپٽار ۽ تعين ٿو ڪري.

ان کان سواءِ پاڪستان پينل ڪوڊ جون شقون عوامي ماڳن تي ئي هيسائڻ کي مخاطب ٿيون ڪن. ڪم ڪار واري جاءِ هڪ خانگي هنڌ ٿو ليکيو وڃي ان ڪري اِهي شقون اُتي لاڳو نٿيون ٿين. هيل تائين پاڪستان ۾ ڪو بہ قانون ڪم ڪار واري جاءِ تي عورتن کي جنسي طور تي هيسائڻ وارن واقعن جو احاطو نٿو ڪري. ترميمي قانون پهريون پيرو ڪم ڪار واري جاءِ تي جنسي طور تي هيسائڻ جو احاطو ڪري ٿو.

ان ريت نئين ترميم پاڪستان پينل ڪوڊ جي روح کي اڳتي تي وڌائي ۽ توهين/بيعزتي ۽ هرڪائڻ جي ڏس ۾ عورتن لاءِ ان کي وڏيڪ ڪاراتئو ٿي بڻائي.

هيءَ ترميم نہ رڳو عورتن لاءِ عوامي ۽ ڪم ڪار وارو ماحول وڏيڪ محفوظ بڻائيندي پر اِها عورتن کي تعظيم سان روزگار حاصل ڪرڻ ڏانهن پڻ راغب ڪندي. وڌ کان وڌ عورتن جي روزگار واري ڍانچي ۾ شموليت سان اِها غربت گهٽائڻ ۾ پڻ ڀاڱي ڀائيوار بڻبي.

ان کان سواءِ ان سان سرڪاري ۽ خانگي شعبن ۾ اهل انساني وسيلا حاصل ڪرڻ جا موقعا پڻ پيدا ٿيندا ۽ نتيجي طور بهتر پئداوار ۽ معياري خدمتون حاصل ٿينديون. عورتن کي تحفظ فراهم ڪرڻ سان حاصل ٿيندڙ سماجي لاڀ هن ملڪ جي ترقيءَ ۾ هڪ وڏو حصيدار بڻبو.

## (سب ڪميٽيءَ طرفان جمع ڪرايل)

## بل

ڪم ڪار واري جاءِ تي عورتن کي جنسي طور تي هيسائڻ خلاف تحفظ واسطي گنجائش پئدا ڪرڻ لاءِ جتي آئين فرد جي تعظيم کي شهرين جي بنيادي حق طور تسليم ٿو ڪري ۽ جتي ڪم ڪار واري جاءِ تي عورتن کي هيسائڻ کان

تحفظ ڏيڻ لاءِ هيءَ گنجائش پئدا ڪرڻ مقصد آهي اِهو هيئين ريت لاڳو ٿو ڪيو وڃي:

1. مختصر سروءِ اعلان: (1) هن ايڪٽ کي ڪم ڪار واري جاءِ تي عورتن کي هيسائڻ خلاف تحفظ وارو ايڪٽ 2009 سڏيو وڃي.
2. اهو سڄي پاڪستان تي لاڳو هوندو.
3. اِهو فوري طور تي لاڳو ٿيندو.

(2) اُپٽار: هن ايڪٽ ۾ جيستائين موضوع يا تت ۾ ڪا انتهائي اٽوٽندڙ شئي نٿي اچي:

_(الف) "جوابدار" مان مراد ڪنهن اداري جو اهڙو ملازم يا آجر آهي جنهن جي خلاف هن ايڪٽ تحت شڪايت دائر ڪئي وئي هجي.

_(ب) "سي بي اي" مان مراد اجتماعي سودي ڪار آهي جهڙي ريت صنفي تعلقات جي ايڪٽ 2008 تي لاڳو ڪنهن ٻئي قانون ۾ ڄاڻايل هوندو.

(پ) "ضابطو" مان مراد وهنوار /عمل جو ضابطو آهي جهڙي ريت هن ايڪٽ جي شيڊول ۾ ڄاڻايل آهي.

(پ) "اهل اختياري" مان مراد هن ايڪٽ واسطي انتظاميا طرفان مقرر ڪيل اختياري آهي

(ت) "شڪايت ڪندڙ" مان مراد اهڙي عورت يا اهڙو مرد آهي جنهن هيسائڻ واري ڪنهن عمل کان متاثرٿيندي محتسب يا جاچ ڪميٽيءَ آڏو شڪائت درج ڪرائي هجي.

(ٿ) "ملازم " مان مراد ڪو مستقل يا عارضي ملازم آهي، پل ڏيهاڙي هفيتيوار ماهوار يا ڪلاڪن جي بنياد تي ملازمت تي رکيو ويو هجي ۽ ان ۾ سکيا ونندڙ يا مددگار پڻ شامل آهي.

(ج) "آجر" ڪنهن اداري جي حوالي سان، مان مراد ڪو فرد يا فردن جو اجتماع آهي جيڪي ڳنڍيل هجن يا نہ. جيڪو يا جيڪي ملازمت جي معاهدي تحت ڪارڪنن کي ڪنهن اداري ۾ ملازمت تي رکن ۽ ان ۾ هيءَ بہ شامل آهن/ هوندا:

(I) اهڙي فرد يا اجتماع جو ڪو وارث، جانشين يا ذميواري ڏنل، جيڪا بہ صورت هجي.

(II) ڪو بہ فرد جيڪو هدايتن، انتظام، منتظم ۽ انتظاميا جي ڪنٽرول لاءِ ذميوار هجي.

_(III) اختياري، ڪنهن اداري يا ادارن جي هڪ گروپ جي حوالي سان جيڪو / جيڪي وفاقي يا صوبائي حڪومت جي ڪنهن وزارت يا کاتي تحت هلندڙ هجن، مقرر ٿيل هجن يا جتي ڪا اختياري مقرر ٿيل نہ هجي اُتي وزارت يا کاتي جو سربراهہ

(IV) عهيديدار، مقامي اختياري طرفان يا پاران هلندڙ ڪنهن اداري جي حوالي سان، مقرر ٿيل، يا جتي ڪو آفيسر مقرر ٿيل نہ هجي، اُن اداري/اختياريءَ جو چيف ايگزيڪيٽو عهديدار

(V) مالڪ، ڪنهن بہ اداري جي حوالي سان، يا معاملن جي انتظاميا سان واسطيدار ڪو بہ فرد يا عهديدار يا ايجنٽ، سيڪريٽري، مينيجر يا ڊائريڪٽر

(VI) ڪو ٺيڪيدار يا ٺيڪيدارن جو ڪو ادارو جيڪو ڪنهن بہ فرد يا ڪنهن بہ اداري واسطي ملازمن جي خدمتن يا پورهئي جي حصول لاءِ عمل ڪري ۽ ڪنهن بہ شڪل ۾ بنياد تي اجورو ادا ڪري،

(VII) ڪنهن وفاقي يا صوبائي يا مقامي اختياريءَ جي ڊويزن يا کاتي جو/جا عهديدار جيڪو/جيڪي مينيجريل، سيڪريٽرل يا ڊائريڪٽرل ڪيڊر يا سپر وائزرن يا ايجنٽن جي قسمن ۾ شامل هجن ۽ جن جو سرڪاري گزيٽ ۾ ان مقصد واسطي نوٽيفڪيشن اچي چڪو هجي،

(ج) "هيسائڻ" مان مراد ڪا اهڙي جنسي اڳرائي، جنسي لاپ لاءِ درخواست يا ڪو بيو زباني يا لکت ۾ رابطي يا جنسي نوعيت جو جسماني انداز يا جنسي طلب رکندڙ رويو جيڪي ڪم ڪار جي ڪارڪردگي ۾ مداخلت جو سبب بڻبا هجن يا هرڪائڻ وارو غير دوستاڻو يا اڳرائي پريو ڪم ڪار وارو ماحول پيدا ڪندڙ هجن، يا شڪايت ڪندڙ کي اهڙي ڪنهن درخواست جي پورائي کان انڪار تي سزا ڏيڻ جي ڪوشش ڪرڻ يا ان کي روزگار جو شرط بنائڻ

(ح) "جاچ ڪميٽي" مان مراد سيڪشن جي ذيلي سيڪشن 1 تحت قائم ڪيل جاچ پڙتال ڪميٽي آهي.

(د) "انتظاميا" مان مراد ڪو فرد يا فردن جو اجتماع آهي جيڪو/ جيڪي ڪنهن اداري جي معاملن جي انتظام لاءِ ذميوار هجن، ان ۾ آجر بہ شامل آهي.

(ڏ) "محتسب" مان مراد سيڪشن 7 تحت مقرر ڪيل محتسب آهي.

(ڊ) "اداري" مان مراد وفاقي يا صوبائي يا ضلعي حڪومتن ذريعي قائم ٿيل يا هلندڙ ڪا وزارت، ڊويزن يا کاتو، ڪارپوريشن يا ڪو خود مختيار يا نيم خودمختيار ادارو، تعليمي ادارو، طبي سهولتون يا ڪمپني آرڊيننس 1984 ۾ اُپٽار ڪيل ڪمپنيءَ تحت ڪا ڪمپني، يا رجسٽر ٿيل سماجي ادارو يا خانگي طور تي انتظام هيٺ ڪو واپاري يا ڪو صنفي ادارو

(ر) "شيڊول" مان مراد هن ايڪٽ سان ڳنڍيل شيڊول آهي.

(ڪ) "ڪم ڪار واري جاءِ" مان مراد ڪم ڪار وارو هنڌ يا ايراضي جتي ڪو ادارو يا آجر عمل پذير هجي ۽ ان ۾ عمارت، فيڪٽري، کليل ايراضي يا ڪا جاگرافيائي ايراضي جتي اداري يا آجر جون سرگرميون ٿينديون هجن ۽ ان ۾ اهڙي صورتحال شامل هوندي جيڪا آفيس کان ٻاهر دفتري ڪم يا دفتري سرگرميءَ سان ڳنڍيل هجي.

3. جاچ پڙتال ڪميٽي، (1) هر ادارو هن ايڪٽ جي لاڳو ٿيڻ جي ٽيهن ڏينهن اندر هڪ جاچ پڙتال ڪميٽي جوڙيندو جيڪا هن ايڪٽ تحت شڪايتن جي جاچ ڪندي (2) ڪميٽي ٽن ڄڻن تي ٻڌل هوندي جن ۾ گهٽ ۾ گهٽ هڪ عورت پڻ شامل هوندي، هڪ ميمبر انتظاميا جي سينئر عهديدارن مان هوندو ۽ هڪ ملازمن جو ڪو سينئر نمائندو هوندو يا جتي ڪا (سي بي اي) ناهي اُتي ڪو سينئر ملازم

جيڪڏهن متي ڄاڻايل طور ادارو پنهنجي اندران ٽي ميمبر مقرر نٿو ڪري سگهي تہ هڪ يا وڌيڪ ميمبر اداري جي ٻاهر کان بہ مقرر ڪري سگهجن ٿا. انهن ميمبرن مان ڪنهن هڪ کي ڪميٽيءَ جو سربراهہ بڻايو ويندو.
(3) جيڪڏهن جاچ ڪميٽي جي ڪنهن ميمبر خلاف شڪايت ٿي اچي تہ پوءِ ان مخصوص ڪيس واسطي هڪ ٻيو ميمبر سندس جاءِ والاريندو. اهڙو ميمبر اداري منجهان يا ٻاهران بہ ٿي سگهي ٿو.
(4) ڪا اهل اختياري نہ هئڻ جي صورت ۾ ادارو هن قانون جي لاڳو ٿيڻ جي ٽيهن ڏينهن اندر هڪ اهل اختياري مقرر ڪندو.
4. جاچ ڪرڻ جو طور طريقو: جاچ ڪميٽي لکت ۾ شڪايت ملڻ جي ٽن ڏينهن اندر:
(الف) جوابدار کي سندس خلاف آيل شڪائت لکت ۾ فراهم ڪندي جنهن ۾ متس لڳل الزام واضع ٿيل هوندا.
(ب) جوابدار کي ڪميٽي شڪائت کان آگاهہ ڪرڻ جي ستن ڏينهن اندر لکت ۾ پنهنجو بچاءَ ڪرڻ لاءِ چوندي ۽ ڪنهن مناسب سبب کانسواءِ ان ۾ سندس ناڪاميءَ جي صورت ۾ ڪميٽي سندس موجودگي/موقف کانسواءِ ڪاروائي اڳتي وڌائيندي.
(پ) الزام بابت چاڻ لهندي يا الزام جي حق ۾ يا جوابدار طرفان بچاءَ جي ڏس ۾ زباني يا دستاويزي شاهدين کي جاچيندي ان بابت ڪاميٽي ٿي فيصلو ڪندي ۽ هر ڌر کي پنهنجي خلاف شاهدن/شاهدين جي آڏي پڇا ڪرڻ جو حق حاصل هوندو.
(2) ڪميٽيءَ کي جاچ ڪرڻ واسطي جاءِ ۽ وقت جو تعين ڪرڻ ۽ ان لاءِ پنهنجا وهنوار جوڙڻ جو اختيار هوندو جيڪي هن ايڪٽ جي شِقن سان ٺهڪندڙ هئڻ گهرجن.
(3) جاچ جي حوالي سان ڪميٽيءَ کي هيٺين شِقن جي پوئواري ڪرڻي پوندي.
(الف) جاچ واري عمل دوران بيان ۽ ٻين شاهدين کي ڳجهو ليکيو ويندو.
(ب) جيڪڏهن ضروري سمجهيو وڃي تہ اداري جو ڪو عملدار هر ڌر کي رهنمائي ۽ مشورو ڏيڻ لاءِ نامزد ڪري سگهجي ٿو.
(پ) ٻنهي شڪايت ڪندڙ ۽ جوابدار ڌرين کي اِهو حق حاصل هوندو تہ ڪو (سي بي اي) نمائندو ڪو دوست يا ڪو ساٿي سندن نمائندگي ڪري سگهي ٿو يا ساڻس گڏ موجود رهي سگهي ٿو.
(ت) شڪايت ڪندڙ يا شاهدن خلاف ڪو اُگرو قدم نہ کنيو ويندو.
(ٿ) جاچ ڪميٽي ان کي يقيني بڻائيندي تہ آجر يا جوابدار شڪايت داخل ڪرائيندڙ کي پنهنجي شڪايت جي آزاداڻي پيرويءَ ڪرڻ تي دٻاءَ وجهڻ لاءِ شڪائت ڪندڙ واسطي ڪو غير دوستاڻو ماحول پيدا نہ ڪندا
(ح) جاچ ڪميٽي سبب ڄاڻائيندي پنهنجو فيصلو لکت ۾ ڏيندي.

(4) جاچ ڪميٽي، جاچ شروع ٿيڻ جي تيهن ڏينهن اندر اهل اختياريءَ آڏو پنهنجا نتيجا ۽ سفارشون پيش ڪندي. جيڪڏهن جاچ ڪميٽي جوابدار کي ڏوهاري ٺهرائي ته أها اهل اختياريءَ کي ڪيس هيٺين مان ڪا هڪ يا وڌيڪ سزائون ڏيڻ جي سفارش ڪندي:

(1) معمولي سزائون

(الف) تنقيد/چوهه چنڊڻ/سرزنش

(ب) هڪ مخصوص عرصي تائين ترقي يا لاپ معطل ڪرڻ

(پ) جوابدار جي اُجوري يا ڪنهن ٻئي وسيلي مان شڪايت ڪندڙ کي ازالي جي وصولي

(II) ڳريون سزائون

(الف) عهدي يا وقت جي معياد ۾ گهٽتائي ڪرڻ

(ب) لازمي ريٽائرمنٽ

(پ) ملازمت کان برطرفي (Removal)

(ت) ملازمت کان برخاستگي (Dismissal)

(ٿ) ڏنڊ جنهن جو هڪ حصو شڪايت ڪندڙ کي ازالي طور ادا ڪري سگهجي ٿو. مالڪ هُئڻ جي صورت ۾اهو ڏنڊ شڪائت ڪندڙ کي ادا ڪيو ويندو.

(5) اهل اختياري جاچ ڪميٽيءَ جون سفارشون سامهون اچڻ جي هڪ هفتي اندر ذيلي سيڪشن 4 تحت جاچ ڪميٽي جي رٿيل سزا لاڳو ڪندي.

(6) جاچ ڪميٽي مستقل طور تي گڏجندي رهندي ۽ صورتحال جو اوستائين جائزو وٺندي رهندي جيستائين ان کي پنهنجي سفارشن تي اهل اختياري ۾ نظر ثاني ڪندڙ اختياريءَ طرفان عمل در آمد جي خاطري نه ٿئي.

(7) شڪايت ڪندڙ جي صدمي (Trauma) ۾ هئڻ جي صورت ۾ ادارو نفسياتي، سماجي صلاح مشوري يا طبي علاج ۽ اضافي طبي موڪل جو بندوبست ڪندو.

(8) پگهار جي نقصان/ڪٽوتي يا ٻين نقصانن جي صورت ۾ ادارو شڪايت ڪندڙ کي ازالو پڻ آڇي سگهي ٿو.

## جاچ ڪميٽيءَ جا اختيار: (1) جاچ ڪميٽيءَ جا هيءُ اختيار هوندا:

(الف) ڪنهن فرد کي طلب ڪرڻ ۽ سندس خاطريءَ کي يقيني بنائڻ ۽ حلف تحت ڪيس چڪاسڻ

(ب) ڪنهن به دستاويز کي هٿ ڪرڻ ۽ پيش ڪرڻ

(پ) حلفيه بيان تي شاهدي وصول ڪرڻ.

(ت) شاهدي ريڪارڊ ڪرڻ.

(2) جاچ ڪميٽيءَ کي هن قانون تحت هيسائڻ وارن مامرن جي جاچ ڪرڻ، اهل ڊاڪٽر کان شڪايت ڪندڙ يا جوابدار جو طبي معائنو ڪرائڻ ۽ جيڪڏهن

ضروري هجي تہ دفعہ 4 جي ذيلي دفعہ (4) جي مفهوم جي دائري اندر جوابدار خلاف مناسب سزا تجويز/سفارش ڪرڻ جا اختيار هوندا.
(3) جاچ ڪميٽي جوابدار خلاف شڪايت ڪندڙ جي الزام جي بنياد ڪي نقصان رسائڻ جي مقصدن تحت ناڪام رهي تہ محتسب کي شڪايت ڪندڙ خلاف مناسب قدم کڻڻ جي سفارش ڪري سگهي ٿي.
(4) جاچ ڪميٽي ڪاروائي کي مخفي رکڻ بابت هدايت ڏئي سگهي ٿي.

## 6_معمولي ۽ ڳري سزائن خلاف اپيل:

اهل اختياريءَ جي فيصلي سان متاثر ٿيندڙ ڪابہ ڌر جنهن تي معمولي يا وڏي سزا مڙهي وئي هجي، فيصلي جي لکت ۾ ملڻ جي ٽيهن ڏينهن اندر سيڪشن 7 تحت قائم ڪيل محتسب کي اپيل ڪري سگهي ٿي.
(2) اهل اختياري جي فيصلي سان متاثر ٿيندڙ شڪايت ڪندڙ بہ ٽيهن ڏينهن اندر محتسب وٽ فيصلي خلاف اپيل ڪري سگهي ٿو.
(3) اپيل ٻڌندڙ اختياري اهڙي اپيل داخل ٿيڻ جي ٽيهن ڏينهن اندر اپيل ۽ ڪنهن ٻئي واسطيدار مواد جي آڌار تي فيصلي ۾ تصديق، پنيرائي، خاتمو يا تبديلي ڪري سگهي ٿي. اِها اهڙي فيصلي کان ٻنهي ڌرين ۽ آجر کي آگاهہ ڪندي.
(4) محتسب جي مقرريءَ تائين ضلعي ڪورٽ اهل اختياريءَ جي فيصلن خلاف اپيلون ٻڌڻ جون اهل هونديون ۽ ان واسطي ذيلي سيڪشن 1 کان 3 لاڳو ٿيندا.
(5) محتسب جي مقرريءَ تي ضلعي ڪورٽ آڏو پيل سموريون اپيلون محتسب ڏانهن منتقل ٿي وينديون ۽ هو انهن تي ڪاروائي منتقليءَ کان اڳ واري مرحلي کان اڳتي وڌائيندو/وڌائيندي.
7_ محتسب: (1) واسطيدار حڪومتون وفاقي ۽ صوبائي سطح تي محتسب مقرر ڪنديون.
(2) محتسب طور مقرريءَ جو اهل اُهو شخص هوندو جيڪو هاءِ ڪورٽ جو جج رهي چڪو هجي يا هاءِ ڪورٽ جو جج مقرر ٿيڻ جو اهل هجي. محتسب هن ايڪٽ تحت مقصدن جي حصول لاءِ گهربل عملو مقرر ڪري سگهي ٿو ۽ ان واسطي مالي وسيلا واسطيدار حڪومتون فراهم ڪنديون.

## (8) محتسب طرفان شڪايت جي جاچ لهڻ :

(1) ملازم پنهنجي شڪايت محتسب يا جاچ ڪميٽي آڏو پيش ڪرڻ جي چونڊ ڪري سگهي ٿو.
(2) محتسب شڪايت وصول ٿيڻ جي ٽن ڏينهن اندر جوابدار کي لکت ۾ هڪ شوڪاز نوٽيس جاري ڪندو جوابدار لکت واري اهڙي نوٽيس جي وصول ٿيڻ جي پنجن ڏينهن اندر محتسب آڏو لکت ۾ پنهنجو بچاءُ ڪندو ۽ ڪنهن مناسب

سبب ڪانسواءِ ان ۾ سندس ناڪاميءَ تي محتسب سندس غير حاضريءَ ۾ ڪاروائي اڳتي وڌائي سگهي ٿو. ٻئي ڌريون محتسب آڏو پيش ٿي سگهن ٿيون.
محتسب هن ايڪٽ تحت جوڙيل ضابطن/قاعدن پٽاندڙ معاملي جي جاچ ڪندو ۽ ڪيس مناسب لڳندڙ وهنوار ۾ ڪاروائي هلائيندو.
(4) هن ايڪٽ تحت جاچ ڪندڙ جي مقصد لاءِ محتسب ڪابہ ڄاڻ حاصل ڪرڻ يا ڪو دستاويز پيش ڪرڻ واسطي، جيڪو سندس خيال ۾ واسطيدار هوندو ۽ جاچ ڪرڻ ۾ مددگار ٿي پيو سگهي، واسطيدار اداري جي ڪنهن رُڪن ياعهديدار کي طلب ڪري سگهي ٿو.
(5) محتسب پنهنجو فيصلو ريڪارڊ ڪرائيندو ۽ اهڙن حڪمن تي عمل در آمد واسطي ٻنهن ڌرين ۽ واسطيدار اداري جي انتظاميا کي آگاهہ ڪندو.

## 9۔ صدر يا گورنر کي اپيل ڪرڻ :

دفعہ 8 جي ذيلي دفعہ (5) تحت محتسب جي ڪنهن فيصلي کان متاثر ٿيندڙ ڪو فرد فيصلي جي ٽيهن ڏينهن اندر صدر يا گورنر آڏو پيش ٿيڻ جي درخواست ڪري سگهي ٿو جيڪو ان جو ڪارج ڏسندي ان بابت ڪو فيصلو ڏئي سگهي ٿو.

## 10۔ محتسب جا اختيار

محتسب کي هيٺ ڄاڻايل معاملن ۾ اُهي ساڳيا اختيار حاصل هوندا جيڪي ڪوڊ آف سول پروسيجرس، 1908
(1908 جو V ايڪٽ) تحت ڪنهن سول ڪورٽ کي حاصل هوندا آهن:
(I) ڪنهن فرد کي طلب ڪرڻ ۽ سندس حاضريءَ کي يقيني بنائڻ ۽ ڪيس حلفي طور تي جاچڻ
(II) شاهديءَ جي پيش ڪرڻ لاءِ پابند ڪرڻ
(III) حلفي بيان تي شاهدي وصول ڪرڻ،
(IV) شاهدن جي جاچ/آڏي پڇا لاءِ ڪميشن جاري ڪرڻ
(V) ڪنهن بہ معائني يا ڪا بہ جاچ ڪرڻ جي مقصد واسطي ڪنهن ايراضيءَ ۾ داخل ٿيڻ، هر اُن جاءِ ۾ داخل ٿيڻ جنهن بابت محتسب کي محسوس ٿئي تہ اُتي ان ڪيس سان لاڳاپيل ڪا بہ ڄاڻ ملي سگهي ٿي، ۽
(VI) توهين تي سزا ڏيڻ واسطي محتسب کي ٻڻ هاءِ ڪورٽ جهڙا ئي اختيار حاصل هوندا.
(2) شڪايت تي فيصلو ڏيندي محتسب سيڪشن 4 جي ذيلي سيڪشن (4) تحت ڪابہ معمولي يا ڳري سزا ٻڌائي سگهي ٿو.

## 11_ آجر جي ذميواري:

(1) ڪم ڪار واري جاءِ تي هيسائڻ خلاف تحفظ لاءِ وهنواري ضابطي کي پنهنجي انتظامي پاليسي طور شامل ڪرڻ ۽ سيڪشن 3 ۾ ڄاڻايل جاچ ڪميٽي قائم ڪرڻ ۽ دفعہ 4 ۾ ڄاڻايل تحت هڪ اهل اختياري مقرر ڪرڻ سميت هن ايڪٽ تي عمل در آمد جي خاطري ڪرڻ آجر جي ذميواري هوندي.
(2) انتظاميا ضابطي جون انگريزي ۽ ملازمن جي اڪثريت کي سمجھہ ۾ ايندڙ ٻوليءَ ۾ ترجمي واريون ڪاپيون اداري ۾ نمايان هنڌ تي نماءُ ڪندي ۽ اِهو عمل هن قانون جي اعلان جي ڇهن مهينن اندر ڪيو ويندو.
(3) هن دفعہ جي شقن جي پورائي ۾ آجر طرفان ناڪام ٿيڻ تي اداري جو ڪوبہ ملازم ضلعي ڪورٽ آڏو پٽيشن داخل ڪري سگهي ٿو ۽ ان جو مرتڪب ثابت ٿيڻ تي آجر تي هڪ لک رُپين تائين جو ڏنڊ وجهي سگهجي ٿو پر اِهو ڏنڊ ڪنهن بہ صورت ۾ پنجويهہ هزار رپين کان گهٽ نہ هوندو.

## 12_ موجوده قانون ڪنهن ٻئي قانون لاءِ اضافي حيثيت رکندو ۽ ڪنهن ٻئي قانون جي متظاد نہ هوندو

### قانون جون شقون:

هن قانون جون شقون لاڳو ڪنهن ٻئي قانون سان ٽڪراءُ بدران ان ۾ اضافي طور ليکيون وينديون.

### 13_ ضابطا ناهڻ جو اختيار:

هن قانون جي مقصد واسطي وفاقي حڪومت ضابطا جوڙي سگهي ٿي.

شيڊول
(ڏسو دفعہ 2 ۽ 1)

## ڪم ڪار واري جاءِ تي عورتن کي هيسائڻ خلاف تحفظ جو وهنواري ضابطو

هيسائڻ خلاف عورتن کي تحفظ فراهم ڪرڻ لاءِ ڪم ڪار جي جاءِ وغيره تي وهنواري ضابطو تيار ڪرڻ لاءِ هت رهنما اصول پيش ٿا ڪجن:

(i) ضابطو سمورن ملازمن، بشمول انتظاميا ۽ اداري جي مالڪن لاءِ هڪ سونهون ٿو فراهم ڪري تہ جيئن هيسائڻ ۽ هرڪائڻ کان آجي ڪم ڪار واري ماحول جي پڪ ڪري سگهجي.

(ii) "هيسائڻ" مان مُراد ڪا اهڙي جنسي اڳرائي، جنسي لاڀ لاءِ درخواست يا ڪو ٻيو زباني يا لکت ۾ رابطو يا جنسي نوعيت جو ڪو جسماني انداز يا جنسي طلب رکندڙ رويا، جيڪي ڪم ڪار جي ڪارڪردگيءَ

۾ مداخلت جو سبب بڻبا هجن يا هرڪائڻ وارو غير دوستاڻو يا اگرائي پريو ڪم ڪار وارو ماحول پئدا ڪندڙ هجن. يا شڪايت ڪندڙ کي اهڙي ڪنهن درخواست جي پورائي کان نابري وارڻ تي سزا ڏيڻ جي ڪوشش ڪرڻ يا ان کي ملازمت جو شريڪ بنائڻ.

ڪنهن بہ اداري بشمول ڪنهن بہ اجتماع يا صورتحال ۾ جيڪا آفيس کان ٻاهر دفتري ڪم هجي يا ڪا دفتري سرگرمي هجي، مٿي ڄاڻايل صورتحال قبول نہ ڪرڻ جوڳو ورتاءُ آهي.

## اُپٽار:

ڪم ڪار واري ماحول ۾ هيسائڻ جا ٽي واضع اظهار آهن.

### (الف) اختيار جو غلط استعمال

ڪنهن بہ با اختيار فرد جهڙوڪ سپروائزر طرفان اُجوري ۾ واڌ. ترقيءَ. تربيتي موقعي جي فراهمي، بدلي يا روزگار ڏيڻ جي عيوض شڪائت ڪندڙ کان جنسي لاڀ جي گھُر.

### (ب) هڪ غير دوستاڻو ماحول پئدا ڪرڻ

ڪا اڻوڻندڙ جنسي اڳيرائي، جنسي لاڀ لاءِ درخواست يا جنسي نوعيت جو ڪو زباني يا جسماني ورتاءُ جيڪو ڪنهن فرد جي ڪم ڪار واري ڪارڪردگيءَ ۾ مداخلت ڪري يا ڪم ڪار جو ڪو هرڪائيندڙ وير پريو يا ايذائيندڙ ماحول پئدا ڪري. "غير دوستاڻي ماحول "جي معمول مان عمومي مراد اهڙي ورتاءُ جي انداز جي لاڳيتي هئڻ. بهر صورت ان صورت ۾ بہ جڏهن هيسائڻ جو عمل سخت هجي، جهڙوڪ جسماني ڳانڊاپي هئڻ وارا مامرا. هڪ اڳيرائي پريو واقعو هڪ پيچڪڙي ٿي ليکيو ويندو.

(پ) موٽ /پلاند

ڪنهن جنسي لاڀ کان انڪار انتقامي ڪاروائي ٻڻجي سگھي ٿو جنهن ۾ ملازم لاءِ مستقبل ۾ ترقين ۽ تربيتن وارا امڪان گھٽائڻ. ڪٽ وارين رپورٽن سان هٿ چراند ڪرڻ. ملازم خلاف سرپاٽ پئدا ڪرڻ يا سندس حقن تائين رسائي جي راهہ محدود ڪرڻ يا روڪڻ جا ٻيا طريقا پڻ ٿي سگھن ٿا. اهڙو ورتاءُ پڻ هيسائڻ جي زمري ۾ ٿو اچي.

(iii) واسطيدار ڌرين و چ ۾ ٺياڪڙيءَ ذريعي هيسائڻ واري شڪايت جي نبيري ڏانهن هڪ غير رسمي انداز ۾ هڪ انتهائي رازداريءَ واري بنياد تي صلاح مشورو ڏيڻ.

(iv) شڪايت ڪندڙ يا ان مقصد لاءِ سندس پاران نامزد ڪيل ڪو عملي جو فرد پنهنجي سپروائزر يا جاچ ڪميٽيءَ جي ڪنهن ميمبر کي هيسائڻ جي واقعي جو غير رسمي اطلاع ڏئي سگهي ٿو/ٿي. اهڙي صورت ۾ سپروائزر يا ڪميٽي ميمبر ان مامري کي ضابطي جي روح پٽاندڙ سندس صوابديد تي مامري کي ڏسندي/ڏسندو. اهڙي درخواست لکت ۾ يا زباني ڪري سگهجي ٿي.

(v) جيڪڏهن جاچ غير رسمي سطح تي ٿي ڪئي وڃي ته پوءِ اها جاچ آفيس يا هيڊ آفيس جو ڪو سينئر مينيجر آزادانه انداز ۾ ڪندو. الزام مڙهيل جوابدار سان رازداراڻي انداز ۾ معاملو نبيرڻ واري ڪوشش سان لهه وچڙ ۾ اچبو.

(vi) جيڪڏهن رپورٽ ڪيل حادثو يا معاملو هڪ متاهين درجي واري هيسائڻ جي زمري ۾ ٿو اچي ۽ ان جو جائزو وٺندڙ آفيسر يا ڪو ميمبر محسوس ٿو ڪري ته اهو تاديبي ڪاروائي واسطي رسمي طور کڻڻ ضروري آهي ته پوءِ شڪايت ڪندڙ جي رضامنديءَ سان ان ڪيس کي هڪ رسمي شڪايت جي صورت ۾ کڻي سگهجي ٿو.

(vii) شڪايت ڪندڙ لاءِ پنهنجي شڪايت غير رسمي ذريعي سان اڳتي وڌائڻ ضروري ناهي. هوءَ ڪنهن به وقت رسمي شڪايت داخل ڪرائي سگهي ٿي.

(viii) شڪايت ڪندڙ پنهنجي انچارج سپروائيزر، اجتماعي سودي ڪار عيوضيءَ ذريعي يا سڌو سنئون ڪنهن جاچ ڪميٽي ميمبر کي پهچائي سگهي ٿي. رابطو ڪيل ڪميٽي ميمبر تي لازم آهي ته هو جاچ جو عمل شروع ڪري، سپروائزر ان عمل کي سهولت فراهم ڪندو ۽ ڪنهن به صورت ۾ ان ۾ رڪاوٽ نه وجهندو.

(ix) جاچ واري ان عمل ۾ ادا ري جي ڪنهن به ميمبر کان مدد وٺي سگهي ٿي

.

(x) آجر پنهنجي بهترين ڪوشش ڪندو ته جاچ واري عرصي دوران جوابدار ۽ شڪايت ڪندڙ دفتري معاملن واسطي هڪٻئي سان لهه وچڙ ۾ نه اچن. ان ۾ جيڪڏهن هو ٻئي هڪ ئي آفيس ۾ ويهن ٿا ته ان جي تبديلي يا جيڪڏهن هڪ ڏر وٽ ٻئي جي روزگار تي اضافي اختيار حاصل آهن ته اهڙا اضافي اختيار واپس وٺڻ شامل آهن. آجر جوابدار کي موڪلن تي اُماڻي سگهي ٿو يا ڪيس معطل ڪري سگهي ٿو ان ۾ اڏنگي روش وارن مامرن کي منهن ڏيڻ واروئي وهنوار لاڳو ٿي سگهي ٿو.

(xi) ڪنهن به ڌُر طرفان انتقامي ڪاروايئن جي مامري تي خبرداريءَ سان نظر رکي وڃي. جاچ واري عمل دوران ڪنهن به ڌر طرفان ڪنهن انتقامي ڪاروائي کان بچڻ واسطي ڪٽ، روزمره وارن فرضن، رپورٽنگ ڍانچي ۽ ڪنهن جاري متوازي جاچ تي ڪرڙي نظر رکي وڃي.

(xii) هيسائڻ وارو عمل عمومي طور تي اڪيلائپ ۾ ٿئي ٿو جنهن ڪري شاهدي پيش ڪرڻ ڏکيو عمل ٿو بڻجي. ان جي زوردار سفارش ٿي ڪئي وڃي تہ عملي جو رُڪن جنهن اڳيرائي وري روبي جو فوري اطلاع پنهنجي پروسي واري ڪنهن ساٿي کي ڏئي پوءِ پل اُن مهل سندن ارادو ڪارسمي شڪايت درج ڪرائڻ جو نہ بہ هجي, جيتوڻيڪ فوري اطلاع نہ ڏيڻ سان مامري جي ساک تي ڪو اثر نہ ٿو پوي.

(xiii) ضابطو ڪم ڪار واري جاءِ تي هيسائڻ کان عورتن جي تحفظ جي ڏس ۾ تو مقرر ڪري پر اِهو ڪنهن اداري طرفان

Supported by:

Law & Justice Commission Of Pakistan

Published by:

Sindh Community Foundation

Information & Resource Development Center - IRDC
B-14, Model Town, near Chandia Goth,
Qasimabad, Hyderabad, Sindh, Pakistan.
Contact: +92-222-107676
Email: sindhfoundation@yahoo.com, URL: www.scfngo.org

Inter Communications, Hyd.